ميرزا دبير

# ڊاڪٽر بلوچ جي لطيفيات تي تحقيق ۽ قطعہ تاريخن جو جائزو


**Abstract.:**

*Chronogram is a word, phrase or some letters of alphabet from which a date specially of a birth or death is inferred Dr. N. A. Baloch while compiling standard text of shah jo risalo also did comprehensive research on his biography and also mentioned some rare chronograms in this article these chronograms are discussed.*


**ڊاڪٽر** نبي بخش خان بلوچ (۰۱- ربيع الاول ۱۳۳۶ھ/۱۶- ڊسمبر ۱۹۱۷ع - ۰۲- جمادي الاول ۱۴۳۲ھ/۰۶- اپريل ۲۰۱۱ع)، جن علمي ۽ ادبي رٿائن تي تحقيقي ڪم سرانجام ڏنا. تن مان حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ’سوانح‘ ۽ ’شاھ جي رسالي‘ جو جامع، مستند ۽ معياري متن تيار ڪرڻ بہ ذڪر جوڳا ڪم آھن. ڊاڪٽر صاحب سال ۱۹۶۶ع ۾ ’شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪاميٽي‘ آڏو اھڙي تجويز پيش ڪئي. جنھن موجب ڪاميٽيءَ جي ۳۰- سيپٽمبر ۱۹۶۶ع واري گڏجاڻيءَ ۾ اِھو فيصلو ڪيو ويو، تہ پھرين ’شاھ جي رسالي‘ جي مختلف قلمي نسخن توڙي شاھ جي سوانح حيات بابت بنيادي ماخذن کي سوڏي سنواري ڇاپيو وڃي ۽ اُن کان پوءِ رسالي جو مستند ۽ معياري متن تيار ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو وڃي. اِن اھم ۽ بنيادي ڪم جي ذميواري ڪاميٽيءَ ڊاڪٽر بلوچ جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان ھن اھم رٿا کي عملي جامو پھرائڻ لاءِ ٻن مرحلن ۾ ورھايو: پھرئين مرحلي ۾ شاھ جي رسالي ۽ سوانح بابت بنيادي ماخذن تي تحقيق ڪري، مستند سوانح عمري مرتب ڪرڻ لاءِ بہ آڳاٽا ڪتاب مير عبدالحسين سانگيءَ جو ’لطائف لطيفي‘ جيڪو فارسي ٻوليءَ ۾ آھي ۽ مرزا قليچ بيگ جو ڪتاب ’احوال شاھ عبداللطيف ڀٽائي‘ ڇپائي پڌرا ڪيا. انھن ڪتابن جي اشاعت کان سواءِ سن ۱۹۶۹ع ۾ برٽش ميوزم وارو قلمي نسخو، ۱۹۷۴ع ۾ سر ڪلياڻ سان شروع ٿيندڙ رسالو، ٽن اھم قلمي نسخن تان پيٽي تيار ڪيل ۽ ۱۹۷۷ع ۾ سر سسئي سان شروع ٿيندڙ رسالو، ڏھن قلمي نسخن تان پيٽي تيار





ڪيل شايع ڪرايا ويا. اھڙيءَ ريت سال ۱۹۷۲ع ۾ رسالي جي چوئيتاليھن قلمي نسخن ۽ ڇاپن جي تحقيقي مطالعي کي ’شاھ جي رسالي جا سرچشما‘ جي عنوان سان ۽ ۱۹۷۴ع ۾ پنجيتاليھن قلمي ۽ ڇاپي رسالن جي سُرن، داستانن، بيتن ۽ واين جي مطالعي کي ’شاھ جي رسالي جي ترتيب‘ جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ ڇپرائي، بنيادي تحقيقي ڪم ڏھن سالن جي محنت سان پڄاڻيءَ تي رسايو.

ٻئي مرحلي ۾ وري شاھ جي رسالي جو جامع، مستند ۽ معياري متن تيار ڪري منظرعام تي آڻڻ ھو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر صاحب ’شاھ جي رسالي‘ جا پنجاھ قلمي ۽ سورھن ڇاپي نسخا هٿ ڪري، انھن کي مقرر اصولن مطابق پيٽي، پروڙي ۽ آخر ۾ حتمي پڙھڻيءَ کي قائم ڪري، ’شاھ جي رسالي‘ جو مستند ۽ معياري متن تيار ڪيو ۽ شاھ لطيف جي سوانح تي لکيل فارسي، سنڌي ۽ انگريزي ڪتابن جا قلمي توڙي ڇاپي نسخا هٿ ڪري، انھن جو تاريخ ۽ تحقيق جي حوالي سان تنقيدي اڀياس ڪري ۽ شاھ صاحب جي سوانح سان لاڳاپيل ماڳ مڪان بہ پاڻ اُتي وڃي ڏوري ڏٺا ۽ اُتي جي وڏڙن سان ملاقاتون ڪري ڄاڻ حاصل ڪئي. شاھ لطيف جي سوانح متعلق ڪن ڪتابن ۾ ڪي اھڙيون بہ روايتون ھيون، جن کي ڊاڪٽر بلوچ تاريخ جي روشنيءَ ۾ رد ڪري، حڪايتن جي حجاب ۾ ڍڪيل شاھ لطيف جي زندگيءَ جي واقعن ۽ حياتيءَ جي حقيقتن کي پڌرو ڪرڻ بعد شاھ لطيف جي سوانح عمري مرتب ڪري، ’شاھ جو رسالو- شاھ جو ڪلام‘ (جلد پھريون) ۾ شامل ڪئي.

ڊاڪٽر بلوچ ڪاميٽيءَ طرفان حوالي ڪيل ڪم نھايت ئي خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏنو ۽ سنڌ جي سدا حيات شاعر شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سوانح ۽ شاھ جي رسالي جي ترتيب جي حوالي سان ھيٺيان ڪتاب منظرعام تي آندا:

۱. ’لطائف لطيفي‘ (فارسي)، (۱۹۶۷ع)، مير عبدالحسين خان ’سانگي‘. شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ.
۲. ’احوال شاھ عبداللطيف ڀٽائي‘، (۱۹۷۲ع). مرزا قليچ بيگ. ساڳيو.
۳. ’شاھ جي رسالي جا سر چشما‘، (۱۹۷۲ع). ساڳيو.
۴. ’شاھ جي رسالي جي ترتيب‘، (۱۹۷۴ع). ساڳيو.
۵. ’پنج گنج‘، (۱۹۷۶ع). تصنيف: عبدالقادر عرف قادر بخش بيدل رحہ. مرتب: فقير صوفي سبحان بخش. ساڳيو.

جڏهن تہ پنجاهہ قلمي ۽ سورهن ڇاپي نسخن جي آڌار تي هيٺيان رسالا منظرعام تي آندا:

١. 'شاهہ جو رسالو' (برٽش ميوزم وارو)، (١٩٦٩ع). شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد:
٢. 'شاهہ جو رسالو'، (١٩٧٤ع). ساڳيو.
٣. 'شاهہ جو رسالو'، (١٩٧٧ع). ساڳيو.
٤. 'شاهہ جو رسالو'، (١٩٨٧ع). ساڳيو.
٥. 'شاهہ جو رسالو- شاهہ جو ڪلام' (جلد پهريون)، (١٩٨٩ع). ساڳيو.
٦. 'شاهہ جو رسالو- شاهہ جو ڪلام' (جلد ٻيو)، (١٩٩٢ع). ساڳيو.
٧. 'شاهہ جو رسالو- شاهہ جو ڪلام' (جلد ٽيون)، (١٩٩٤ع). ساڳيو.
٨. 'شاهہ جو رسالو- شاهہ جو ڪلام' (جلد چوٿون)، (١٩٩٧ع). علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد:
٩. 'شاهہ جو رسالو- شاهہ جو ڪلام' (جلد پنجون)، (١٩٩٧ع). ساڳيو.
١٠. 'شاهہ جو رسالو- شاهہ جو ڪلام' (جلد ڇهون)، (١٩٩٥ع). ساڳيو.
١١. 'شاهہ جو رسالو- شاهہ جو ڪلام' (جلد ستون)، (١٩٩٨ع).
١٢. 'شاهہ جو رسالو' (جلد اٺون ۽ نائون)، (١٩٩٩ع). ساڳيو.
١٣. 'شاهہ جو رسالو- رسالي جو ڪلام' (جلد ڏهون)، (١٩٩٦ع). ساڳيو.

هِتي اِهو چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو، تہ ڊاڪٽر بلوچ ڪاميٽيءَ طرفان ڏنل ڪم، ڪاميٽيءَ جي توقع کان بہ وڌيڪ ڪري ڏيکاريو. جو پاڻ نہ فقط 'شاهہ جي رسالي' جو جامع، مستند ۽ معياري متن تيار ڪري ڇپائي پڌرو ڪيو، پر شاهہ جي رسالي جي صورت ۽ هيئت مطابق ٻين اهلِ دل شاعرن جي چيل بيتن ۽ واين جا مجموعا پڻ 'رسالن' جي صورت ۾ مرتب ڪيا. اِن ڏَس ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو:

"حضرت شاهہ عبداللطيف رح جو رسالو سنڌي اَساسي (ڪلاسيڪي) شاعريءَ ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿو. مگر سنڌي اَساسي شاعريءَ جي مقصد ۽ ماهيت توڙي تاريخي سلسلي کي سمجهڻ لاءِ ان جي سڄي سرمايي کي سهيڙڻ ۽ سامهون رکڻ ضروري آهي: يعني تہ شاهہ عبداللطيف کان اڳ واري دؤر جي اعليٰ شاعرن جي ڪلام، شاهہ





جي رسالي ۽ شاهہ کان پوءِ واري دؤر جي اهڙن شاعرن جي ڪلام کي جيڪو اساسي نوعيت جو آهي، پرکڻ ۽ پروڙڻ ضروري آهي."(١) (شاهہ شريف ڀاڏائيءَ جو رسالو. ١٩٧٢ع. ص: الف)

'شاهہ جي رسالي' جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ ۽ اُن جي اهميت ۽ افاديت کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي سُڄاڻ ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام کي بہ رسالي جي صورت ۾ مرتب ڪري، موجوده صورتخطيءَ ۾ آندو ۽ انهن تي تحقيقي مقدما لکي، سنڌ جي اساسي شاعرن جي ڪلام جو فني ۽ فڪري اڀياس ڪري، ان جي اهميت کي نروار ڪرڻ ۾ پاڻ ملهايو. اهڙي اهم ۽ بنيادي ڪم جي تڪميل تي ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو:

"شاهہ لطف الله قادريءَ جي رسالي ۽ ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي شايع ٿيڻ سان سنڌي اَساسي شاعريءَ جو پهريون توڙي وچون دؤر ٻئي پوريءَ طرح روشن ٿين ٿا. البت آخري دؤر، يعني شاهہ عبداللطيف کان پوءِ واري دؤر، جي ڪن بلندپايي شاعرن جو ڪلام، جيڪو اساسي حيثيت رکي ٿو، سو اڃان تائين پوري تحقيق سان شايع نہ ٿيو آهي. گرهوڙي صاحب، روحل ۽ سچل سائين انهيءَ دؤر جا معلوم ۽ مشهور شاعر آهن؛ انهن کان سواءِ خليفو نبي بخش صاحب، سيد قنبر علي شاهہ ڀاڏائي، غلام حيدر فقير ٽيٻو، فقير محمد صديق سومرو، سيد غوث محمد شاهہ ڪڇ وارو ۽ مولوي غلام محمد خانزئي هن پوئين دؤر ۾ اساسي شاعري جا علمبردار ۽ 'رسالن جا ڌڻي' آهن."(٢) (شاهہ شريف ڀاڏائيءَ جو رسالو. ١٩٧٢ع. ص: الف ۽ ب)

ڊاڪٽر بلوچ 'لطيفيات' جو وڏو ماهر هو. شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ سوچ ۽ فڪر جي گهرائي پَرکيندي، ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو تہ، "'شاهہ جو ڪلام' شعر، فڪر، معنيٰ ۽ بيان جي لحاظ سان اعليٰ اساسي سنڌي شاعري جي آسمان جو سج آهي."(٣)(بلوچ، ١٩٩٠ع، ص: ٣٦٣) لطيفيات جي حوالي سان سندس ڪيل خدمتن کي ساراهيندي ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو لکي ٿو:

"شاهہ جي رسالي تي ٿيل هيءَ تحقيق سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي تاريخ ۾ هڪ شاهڪار علمي ڪارنامو ۽ بيش بها اضافو آهي، جنهن جي جيتري بہ پذيرائي ڪجي، اوتري گهٽ آهي."(٤) (سومرو، ٢٠٠٩ع، ص:ع)

ڊاڪٽر صاحب جي رسالي جي مستند متن جي تياريءَ لاءِ ڪيل ڪوشش کي ميچتا ڏيندي، ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو لکي ٿو:

”شاهه جي رسالي جي جامع، مستند ۽ معياري متن جي تياريءَ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي قابليت، محنت، تحقيق ۽ حاصلات کي سنڌ جي علمي، ادبي ۽ تحقيقي دنيا ۾ بيشڪ قدر جي نظر سان نهاريو ويندو.“(۵) (هَڪڙو، ۲۰۱۲ع، ص: ۱۳۱)

ڊاڪٽر بلوچ، شاهه لطيف جي پيرائتي سوانح حيات لکڻ ۽ قلمي توڙي ڇاپي نسخن کي پيٽي رسالي جو معياري متن تيار ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪوجنا ڪئي، تنهن لاءِ پروفيسر سليم ميمڻ لکيو آهي:

”سندن ڪوجنا جي ان معيار ۽ ايڏي وڏي ۽ گهري ڇنڊ ڇاڻ جو ان کان اڳ ڪو به مثال نہ ٿو ملي. ان محنت ۽ جاکوڙ مان سندن شاهه سائينءَ سان عقيدي ۽ محبت جي اظهار کانسواءِ شاهه جي رسالي جي هڪ مستند نسخي کي تيار ڪري سنڌ واسين کي سوکڙي ڏيڻ جي نيت جي پروڙ بہ پوي ٿي.“(٦) (ميمڻ، ۲۰۱۱ع ص: ۸۸)

ڊاڪٽر بلوچ، جتي سنڌي اساسي شاعريءَ جي مهان شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي زندگيءَ جي احوال ۽ اُن سان لاڳاپيل هر پهلوءَ کي نروار ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي تہ اُتي پاڻ سنڌ جي هِن عظيم المرتبت شاعر جي ولادت، وفات يا ان سان لاڳاپيل ڪنهن واقعي يا ڪنهن تاريخي ماڳ تي ان دؤر جي شاعرن جون چيل ناياب قطعہ تاريخون ڪِن ناياب قلمي نسخن مان تہ ڪي وري اڻلڀ تاريخي ڪتبن مان هٿ ڪري، 'شاهه جو رسالو - رسالي جو ڪلام' جي پهرين جلد جي مقدمي ۾ انهن کي محفوظ ڪيو آهي.

قطعہ تاريخ شاعريءَ جي اُها صنف آهي، جنهن ذريعي ڪنهن واقعي جو سن ڪنهن لفظ، فقري يا مصرع جي ذريعي بحساب جمل حاصل ڪيو وڃي ٿو. قطعہ تاريخ جي تعريف ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي تصنيف 'تَڪمِلَةُ التڪمِلَة' جي مقدمي ۾ هن ريت بيان ڪري ٿو:

”منظوم سٽن ۾ اهڙا الفاظ آڻجن جن جي حرفن مان، ابجد جي حساب سان، ڳاڻيٽي جا اهي عدد حاصل ٿين، جيڪي ڪنهن واقعي، وفات يا تعميري بناء جي سالن مطابق بيهن.“ (۷) (بلوچ، ۲۰۰۷ع، ص:۲۹)

سنڌ ۾ چيل قطعہ تاريخن جي اهميت ۽ افاديت کي پَرڪيندي، ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو:

”ڪن شاعرن کي هن فن ۾ حيرت انگيز دسترس هئي ۽ انهن تاريخي قطعات





منظوم ڪري پنهنجي معاصرن سان موازنا ڪيا.“(۸) (بلوچ، ۲۰۰۷ع، ص:۲۹-۳۰)

سنڌ ۾ قطعہ تاريخ جي ارتقا جي حوالي سان ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب 'سنڌ جي تاريخي شهرن جي تواريخ' ۾ لکي ٿو:

”سنڌ جي تاريخ ۽ ادب ۾ اهڙي تاريخ چوڻ جو وڏو ذخيرو سنڌيءَ کان سواءِ فارسيءَ ۾ پڻ موجود آهي. مگر اهو تاريخ چوڻ جو هنر سنڌ ۾ عربي زبان جي اٺاويهن حرفن جو ملهه مقرر ڪري يا ماده جو تعين ڪري قطعہ جي چوڻ جو رواج بہ عربن جي دؤر کان سمجهيو وڃي ٿو.“(۹) (هَڪڙو، ۲۰۰۵ع، ص:۱۹)

سنڌ جي باڪمال شاعرن سنڌيءَ کان سواءِ عربي، فارسي ۽ اردو زبانن ۾ قطعہ تاريخون چئي، پنهنجي سخن سنجيءَ جا جوهر پسايا آهن. سندن چيل قطعہ تاريخن جو ذخيرو ايترو تہ وسيع آهي، جو انهن کي سهيڙي، ترتيب ڏجي تہ ان جا ضخيم جلدَ جڙي سگهن ٿا.

بهرحال ڊاڪٽر بلوچ 'لطيفيات' جي حوالي سان پنهنجي ڪيل تحقيق دوران مليل قطعہ تاريخن کي اهميت ڏئي، انهن کي 'شاهه جو رسالو - شاهه جو ڪلام' جي جلد پهرين جي مقدمي ۾ محفوظ ڪيو آهي، جن جو مختصر جائزو هِتي ڏجي ٿو:

ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق مطابق، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ولادت ڀٽئي پور ۾ سن ۱۱۰۲ھ/۱٦۹۰ع ڌاري ٿي. ان وقت جي عالم فاضل شاعر سيد غلام محمد 'گدا'، شاهه لطيف جي ولادت جو سن تاريخي ماده 'عنايت شعار' مان اخذ ڪري، معنوي صورت ۾ قلمبند ڪيو آهي:

”'گدا'، سال توليدِ سلطانِ بهت،

شنيدم ز هاتف عنايت شعار.“(۱۰)

۱۱۰۲ھ

(شاهه جو رسالو - شاهه جو ڪلام، ۱۹۸۹ع. ص: ۱۰)

ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق مطابق، شاهه لطيف جي والد شاهه حبيب جي وفات ۱۱۴۴ھ ۾ ڪوٽڙيءَ مان لڏي اچي مستقل طور ڀٽ تي رهڻ کان پوءِ ٿي ۽ شاهه صاحب پاڻ پنهنجي والد کي ڀٽ تي دفنايو. ٺٽي جي نامياري عالم ۽ اديب مخدوم محمد صادق نقشبندي ٺٽوي جيڪو شاهه صاحب جي مريديءَ جي دائري ۾ داخل ٿي چڪو هو، تنهن شاهه لطيف رحہ جي رضا ۽ تسليم واري حال موافق شاهه حبيب جي وفات جي تاريخ

صاحب جيئن پٽ تي پهتو، ته اڳين مسجد واري جاءِ تي هڪ وڏي ٽن گنبذن واري جامع مسجد ٺهرائڻ شروع ڪيائين، جيڪا بکر جي ويٺل عيدن رازي، شاهه لطيف جي نظرداريءَ هيٺ سنه ۱۱۶۲ھ ۾ جوڙي راس ڪئي. شاهه صاحب چواڻي موجب قاضي ابراهيم هالائيءَ مسجد جي اڏاوت جي تاريخ هيٺين مصرع مان ڪڍي:

نادري مسجد درين دوران چه زيبا دل ربا (۱۴)

۱۱۶۲ھ

(شاهه جو رسالو-شاهه جو ڪلام. ۱۹۸۹ع. ص: ۶۳-۶۴)

ڊاڪٽر بلوچ هِن تاريخي مصرع متعلق فوٽ نوٽ ۾ ڪجھ وضاحت هِن ريت ڪئي آهي:

”مسجد جي جُڙي راس ٿيڻ جي تاريخ واري اها سر ضرور مسجد ۾ ڪٿي لڳائي وئي هوندي، پر هن وقت موجود ناهي. غالباً پوءِ وراندي جي ٺهڻ يا ٻين تعميري تبديلين وقت اها سر لاٿي وئي جو پوءِ وري ڪانه لڳائي وئي. مسجد جي تعمير بابت قاضي ابراهيم جي منظوم ڪيل اها تاريخي مصرع راقم کي ولهار جي ڪتبخاني جي ڪُهنن ڪاغذن ۾ هيٺين طور لکيل ملي:

”تاريخ عمارت مسجد غوّاصِ بحر حقيقت سيد شاه عبداللطيف جيو عليه الرحمة قدس الله سره العزيز بطريق مصرع:

”نادري مسجد درين دوران چه زيبا دل ربائي“

۱۱۵۱

هن لکت ۾ سال وارو عدد ۱۱۶۲ بدران ۱۱۵۱ لکيل آهي، جيڪو صحيح ناهي ۽ لفظ ”ربائي“ پڻ صحيح ناهي جو ان سان مصرع جو وزن ٽُٽي ٿو. ابجد جي حساب سان: نادري = ۲۶۵ + مسجد = ۱۰۷ + درين = ۲۶۴ + دوران = ۲۶۱ + چه = ۸ + زيبا = ۲۰ + دل = ۳۴ + ربا = ۲۰۳ = ۱۱۶۲.“(۱۵) (شاهه جو رسالو-۰۱. ۱۹۸۹ع. ص: ۶۴)

سنڌي اساسي شاعريءَ جي سرموڙ شاعر ’شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ‘ آچر ڏينهن ۱۴ صفر المظفر ۱۱۶۵ھ/۲ جنوري ۱۷۵۲ع تي وفات ڪئي. سندس وفات تي اُن وقت جي ٻن شاعرن قاضي ابراهيم هالائي ۽ محمد پناهه ’رجا‘ نقشبندي ٺٽوي، جيڪي ٻئي شاهه صاحب جا معتقد هئا، ٽن تاريخي قطعات چيا. قاضي ابراهيم هالائيءَ شاهه لطيف جي وفات جو سن تاريخي ماده ’رضوان حق‘ مان (۱۱۶۵) عدد ونيو، معنوي





هيٺئين عربي فقري مان ڪڍي: جيڪو معنوي اعتبار سان نهايت ٺي موزون ۽ ٻي بدل آهي:

”اَلموتُ جِسر يُوصِل الحبيب لِلقاءِ الحبيب

۱۱۴۴ھ

يعني: موت هڪ پُل آهي، جيڪا هڪ دوست (حبيب) کي ٻئي دوست سان ملائي ٿي.(۱۱) (شاهه جو رسالو-۰۱. ۱۹۸۹ع. ص: ۳۲-۳۳)

”شاهه لطيف پنهنجي وڏي ڏاڏي شاهه ڪريمؒ ۽ ڏاڏي عبدالقدوس شاهؒ جي مزارن جي تعمير ڪانپوءِ سن ۱۱۵۶ھ ڌاري واپس پٽ اچي، پنهنجي والد شاهه حبيب جو مقبرو پڪو ڪرايو ۽ ٻاهران دروازي جي مٿان وفات جي تاريخ وارو اِهو ساڳيو تاريخي فقرو سامهون در تي سهڻو ڪري لکارايائين.“(۱۲) (شاهه جو رسالو-۰۱. ۱۹۸۹ع. ص: ۴۸)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ ۱۱۵۴-۱۱۵۶ھ ڌاري ميين شاهه ڪريمؒ جو سهڻي گنبذ سان روضو ۽ ان سان لڳولڳ، اتر طرف عاليشان جامع مسجد جوڙائي ۽ اتان ويجهو ڏکڻ- اوڀر طرف پنهنجي ڏاڏي عبدالقدوس شاهه جي تربت تي به قبو ٺهرايائين. اهو ڪم سنه ۱۱۵۶ھ ۾ راس ٿيو ۽ شاهه لطيف جي ارشاد تي سندس معتقد، مريد ۽ ٺٽي جي نامياري عالم ميان محمد صادق نقشبنديءَ ڪريمي درگاهه جي تڪميل جو سن معنوي صورت ۾ هِن سهڻي فقري مان ڪڍيو:

”هست درگاهِ ڪريم و جلوه گاهِ حق ابد

۱۱۵۶ھ

شاهه لطيف پوءِ انهيءَ تاريخي مصرع سان سينگاريل ڪاشيءَ جي هڪ سهڻي سِرَ ٺهرائي، جيڪا درگاهه جي اڳڻ واري ٻاهرئين دروازي تي هڻايائين. هِن ڪان اڳ اِها تاريخي ڪتبي واري سِرَ، محققين جي نظرن کان اوجهل رهي. ڊاڪٽر بلوچ کي اِها سِرَ درگاهه جي مجاور حاجي صوف ميمڻ کان ملي ۽ پاڻ شاهه لطيف جي سوانح ۾ هن تاريخي قطعي کي محفوظ ڪري، ميين شاهه ڪريم جي روضي جي تعمير بابت وڌيڪ معلومات فراهم ڪئي آهي.“(۱۳) (شاهه جو رسالو-۰۱. ۱۹۸۹ع. ص: ۴۶)

ٺٽي جي نامياري عالم مخدوم محمد معين جي وفات سنه ۱۱۶۱ھ ۾ ٿي، جنهن جي وفات جو شاهه لطيف کي گهڻو ڏک ٿيو ۽ چيائين ته، سندس ٺٽي ۾ اچڻ جو هيءُ آخري ڀيرو آهي ۽ دوست جي جدائي بعد هاڻي هُو وري ٺٽي ڪونه ايندو. پوءِ شاهه

صورت ۾ قلمبند ڪيو آهي:

”شاه صاحب ذوالمناقب سيدِ عبداللطيف،

آن ڪہ قطبِ وقت خود بودست در مردان حق.

چون ز جامِ ارجعي مخمور نوش وصل شد،

گفت ملهم غيب رب رحلتش رضوان حق.“

۱۱۶۵ھ

محمد پناه ’رجا‘ ٺٽويءَ، جنهن جو شمار سنڌ جي وڏن فارسي گو شاعرن ۾ ٿئي ٿو، تنهن شاه صاحب جي وفات جو سن معنوي صورت ۾ هيئن رقم ڪيو:

”زد نعره در فراق دگر ڪرد سينہ چاڪ،

شد محو در مراقبہ جسمِ لطيف پاڪ.

۱۱۶۵ھ

گفت اين رجا مريد سنِ ارتحال پير،

گرديد محو عشق وجود لطيف مير.“(۱۶)

۱۱۶۵ھ

(شاه جو رسالو-شاه جو ڪلام. ۱۹۸۹ع. ص: ٦٦)

شاه لطيف جي وفات جي هڪ سؤ پنجن سالن کان پوءِ مائي مُلي نعمت کان ’ديري سرڪار ڪلان عالي مدار‘ يعني سرڪار عالي مدار مير نور محمد خان بن مير مراد علي خان جي ديري، ’شاه جو رسالو‘ لکايو ۽ ڪيس اُجوري طور وڏو خرچ ۽ جهجهي امداد ڏنائين. ديري جي اهڙي قدردانيءَ تي مائي مُلي نعمت رسالو سهڻي خط ۾ سونهري جدولن سان سينگاري، تاريخ ۲۸- جمادي الثاني ۱۲۷۰ھ/۲۸- مارچ ۱۸۵۴ع تي لکي پورو ڪيو ۽ ان جي تڪميل جي تاريخ ۽ هجري سن سنڌي ٻوليءَ ۾ معنوي صورت ۾ قلمبند ڪيو:

”الحمد لله رسالو شاه عبداللطيف جو لکي ڪئم تماما،

موجب حڪم ديري سرڪار ڪلان عاليمدار جي مون مُلي نعمتا،

عوض لکائي جي مون کي وڏا خرچ ۽ جهجها ڏنائون امدادا،

ديرو مٿيون قائم هُئي چال مڙني وارثن ۽ عزيزن سا،

اجر ثواب هن جا مولو ڏي ان کي منجهه دنيا ۽ آخرتا،





سدائين خوشحال هُونِ، برڪت حضرت رسولا،

چڱايون نصيب ٿين، خوبيون پسن خير سين هميشہ مداما،

مقصد سندن پورا ٿين ۽ مطلب مڙئي مدعا نصيبا،

آءٌ دعاڳي نہ هيڪڙي ٻيا پڻ سهسين آهينِ سوَ هزارا،

بتاريخ اٺاويهين ماه جمادي الثاني جي سن ٻاره سو ستر صحيحا،

سڄو جُڙي تيار ٿئو ڪنان لکڻ ۽ جدول ۽ جلدا.“(۱۷) (شاه جو رسالو-۰۱. ۱۹۸۹ع. ص: ۷۵)

”شهداداڻي ٽالپر حڪمرانن جو جيئن علم و ادب سان چاهه هو، تيئن سندن ديرن جو بہ علم و ادب طرف لاڙو هو. جن مان مير فتح علي خان ٽالپر جي ڌيءَ ۽ مير نور محمد خان ٽالپر بن مير مراد علي خان ٽالپر (لقب: ’سرڪار عالي مدار‘ ۽ سجع: ’ز نور محمد جهان روشن است‘) جو ديرو بہ ادب شناس هئي. جنهن ڪيترائي ڪتاب لکارايا ۽ پڻ ڪيترائي ڪتاب خريد ڪري پنهنجي ڪتبخاني ۾ وڌارو ڪيو،“(۱۸) (احسن ڪربلائي، ۱۹۵٦ع، ص:۵۱)

هن شهزاديءَ جي ادب پروري ۽ علمي لياقت ڏسي، ميان محمد يوسف خدمتگار ڪيس خراج عقيدت هيٺين نظم ۾ پيش ڪيو:

”باد چون برجيس يا رب بر بدوش آسمان،

هودج بلقيس دوران مريمِ دور زمان.

فاطمہ ناموس و مريم عفت و بلقيس عهد،

ديدهء گردون نہ ديده همچو او در صد قران.

دختر مير زمان ’فتح علي‘ سلطان سند،

صد شرف دارد بہ گوهر بر خواتين جهان.

گرچہ ظاهر در لباس صورت اهل النساست،

شهرياري را سزاوارست ليڪن بيگمان.

آسمان پيش علوئ همتش پست آمده،

پست در پيش علوئ همت او آسمان.

خسروان را رسم دولت پروري آموزگار،

سروران از گوهرش با سرور زيبا توان.

صاحبان قدسي نشانا لطف ايزد ميڪند،

بيشڪ از ديدار فرزندان دلت را شادامان.“(۱۹) (احسن ڪربلائي، ۱۹۵٦ع، ص:۵۴)

اُن شهزاديءَ جي وفات ١٦- صفرالمظفر ١٢٨٧ھ/١٨- مئي ١٨٧٠ع تي ٿي. سندس فرزند مير حسين علي خان ٽالپر هيءَ تاريخ لکي:

”يک عدد از مصرع تاريخ بر گير و بگو
باد يا رب دست او در دامن زهرا مدام.“

١٢٨٨ - ١ = ١٢٨٧ھ

يعني ١ عدد کي تاريخ واري مصرع مان گھٽايو.(٢٠) (احسن ڪربلائي، ١٩٥٦ع، ص:٥٥)

## حوالا


١. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (١٩٧٢ع)، ’شاھ شريف ڀاڏائيءَ جو رسالو‘ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، ص:الف.

٢. ساڳيو، ص: ب.

٣. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (١٩٩٠ع)، ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ.‘ پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ص:٤٦٣.

٤. سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر، (٢٠٠٩ع)، ’شاھ جو رسالو‘ (محقق ۽ شارح: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ). ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ. ڪراچي: ص: ع.

٥. هَڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، (٢٠١٢ع)، ’هڪ ئي راڻو راڄ ۾ هو، جنهن کي ساري سرت هئي‘. (مهراڻ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص نمبر)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو: ص: ١٣١.

٦. ميمڻ، محمد سليم،پروفيسر، (٢٠١١ع)، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (شخصيت، فن ۽ فڪر). ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ. ڪراچي:ص: ٨٨.

٧. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (٢٠٠٧ع)، ’ تَڪمِلَةُ التڪمِلَة.‘ سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ص:٢٩.

٨. ساڳيو. ص: ٢٩-٣٠.

٩. هَڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر، (٢٠٠٥ع)، ’سنڌ جي تاريخي شهرن جي تواريخ‘،روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو:ص: ١٩.

١٠. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (١٩٨٩ع)، ’شاھ جو رسالو- شاھ جو ڪلام‘ (جلد پهريون). شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز حيدرآباد: ص: ١٠.

١١. ساڳيو، ص: ٣٢-٣٣.







١٢. ساڳيو، ص- ٤٨.

١٣. ساڳيو، ص- ٤٦.

١٤. ساڳيو، ص- ٦٣-٦٤.

١٥. ساڳيو، ص- ٦٤.

١٦. ساڳيو، ص-٦٦.

١٧. ساڳيو، ص- ٧٥.

١٨. ڪربلائي، احسن، مرزا گل حسن، (١٩٥٦ع)، ’ٽالپر حاڪمن جا علمي ڪارناما‘، ’مهراڻ جون موجون‘، مرتب: پير حسام الدين راشدي. پاڪستان پبليڪيشنز، ڪراچي: ص: ٥٤.

١٩. ساڳيو، ص: ٥٤.

٢٠. ساڳيو، ص: ٥٥.